
# روڊ تي کيڏڻ جا پنهنجا مزا آهن...

ٻارن لاءِ روڊ سيفٽي متعلق سلسليوار ڪهاڻي



روڊ سيفٽي ايجوڪيشن
پروگرام



ڪرن ۽ راجو پاڻ ۾ ڀيڻ ڀاءُ هئا. ڪرن جي عمر ڪا ٻارنهن سال ڪن هئي ۽ راجو تقريباً اٺن سالن جو هو. اهي هڪٻئي جي دنيا ٻڏيل هئا ۽ هميشه هڪٻئي سان گڏ رهندا هئا ۽ گڏ کيڏندا هئا. هنن جو سؤٽ علي اڪثر ڪري هنن ڏي ايندو رهندو هو ۽ ڪو ڪو ڏينهن هنن وٽ اچي گذاريندو هو. هاڻ راجو کي پنهنجي ڀيڻ يا سؤٽ سان گڏ وقت گذارڻ کان وڌيڪ مزو ڪرڪيٽ کيڏڻ ۾ ايندو هو. هو سمجهندو هو ته هن کان وڌيڪ بئٽسمين سڄي ڳوٺ ۾ ڪو به ڪونهي. علي جي عمر مشڪل سان ڪا پنج سال ڪن هئي، ڪيس به ڪرڪيٽ کيڏڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو.






پر ڪرڪيٽ جو شوق جيترو راجو کي هوندو هو، اوترو ٻئي ڪنهن کي بہ ڪو نہ هوندو. سڄو ڏينهن خيالن ئي خيالن ۾ ڪيڏي مهل بال کي هن پاسي ذڪ هڻندو هو تہ ڪيڏي مهل وري ٻئي پاسي. ڪرڪيٽ هر وقت هن جي ذهن ۾ سوار هئي. هڪڙي دفعي آچر ڏينهن راجو ۽ ڪرن ٻئي پر واري ميدان تي ڪرڪيٽ کيڏڻ ويا. هو پاڻ سان گڏ پنهنجي سؤٽ علي کي بہ وٺي آيا.



اها جاءِ جتي ٻار ڪرڪيٽ کيڏندا هئا، اُهو ڪو وڏو ميدان ڪو نہ هو. اها مين روڊ جي پاسي هڪڙي ٿورڙي جاءِ هئي، جتي ٻار سڄو ڏينهن ڪرڪيٽ پيا کيڏندا هئا ۽ پاسي کان وري ڪارون، ٽرڪون، بسون ۽ هر قسم جي سواري پئي لنگهندي هئي. پر ٻارن (خاص ڪري راجو) کي سندن گوڙ ۽ شور جي پرواهہ ئي ڪا نہ هوندي هئي. هن کي جتي بہ بال کي ڪجهہ ڌڪ هڻڻ جو موقعو ملندو هو تہ اتي ئي کيڏڻ شروع ڪري ڏيندو هو، ڪرڪيٽ خاطر هو ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو.



انهي ڏينهن راجو چاهيو پئي تہ پھريائين بئٽنگ هو پاڻ ئي ڪري. هن جي سؤٽ علي چاهيو پئي تہ جيڪر پھريون وارو هو پاڻ وٺي. پر راجو صفا ضد ڪري بيھي رهيو. ڪرن گھڻو ئي سمجھايس تہ ”پنهنجي ننڍي ڀاءُ علي کي پھريون وارو ڏي. تون عليءَ کي ڪڏهن بہ پھريون وارو نہ ڏنو آهي، آخر هو تنهنجو ننڍو ڀاءُ آهي، تو کي هن جو خيال رکڻ گھرجي.“ ڪرن چيس.



پر راجوءَ کي بال کي پوري زور سان ڏک هڻڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ”آئون سدائين پهريون وارو وٺندو آهيان، انهيءَ ڪري هينئر بہ پهريون وارو وٺندس.“ راجوءَ چيو. راجو انهي حقيقت کي ڪنهن بہ صورت ۾ تسليم نہ ڪيو تہ پهريون وارو وٺڻ ڪنهن ٻئي جو بہ حق ٿي سگهي ٿو.



ڪرن پنهنجي طرفان پنهنجي ياءُ ۽ سؤٽ کي سنڀالڻ جي گهڻي ڪوشش ڪندي هئي پر ڪڏهن ڪڏهن سندس ياءُ راجو کي سنڀالڻ ۽ سمجهائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو هئس، ڇو ته راجو جي ذهن ۾ هر وقت ڪرڪيٽ هوندي هئي.

راجو علي کي چيو، ”علي اچ ته هڪڙي ڳالهه ٻڌايانءِ جڏهن آئون بال کي ڏک هڻان ته تون انهيءَ کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪجان؛ توکي انهيءَ ۾ ڏاڍو مزو ايندو.“

ڪرن، راجو کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”علي کي روڊ جي پر ۾ نه بيهار، علي ننڍڙو ٻار آهي، مون اسڪول ۾ پڙهيو آهي ته ننڍڙن ٻارن کي مصروف روڊن کان پري رکڻ گهرجي، خاص ڪري راند ڪيڏڻ وقت.“

راجوءَ علي کي چيو،”هن جي ڳالهين تي ڌيان نه ڏي هوءَ ته ڇوڪري آهي، ڪرڪيٽ ڪيڏڻ ته اچيس ئي ڪو نه. تون منهنجو فيلڊر ٿي بيهه، آئون ٿو تو کي سيکاريان ته بال کي ڪيئن جهٽجي.“

ڪرن رڙ ڪندي چيس ”پر امان ۽ بابا ناراض ٿيندا، ڇاڪاڻ ته روڊ بلڪل محفوظ ڪونهي.“

پر هنن کو ٻه جواب ڪو نه ڏنو. ٻئي ڇوڪرا روڊ پار ڪندا هليا ويا. عليءَ کي راجو پنهنجي هٿ ۾ جهلي وٺي ويو.



راجوءَ، علي ڏانهن نهاريندي چيو تہ ”تون هتي روڊ جي پاسي ۾ ٿي بيهہ ۽ فيلڊنگ ڪر.“ پاڻ ميدان جي وچ تي بئٽنگ واري جڳهہ تي بيهي بيٽنگ ڪرڻ لڳو.


علي انتظار ۾ هو. هن چاهيو پئي تہ هو پنهنجو پاڻ کي ڪرڪيٽ ۾ سٺو ثابت ڪري تہ جيئن راجو ڪيس بئٽنگ جو موقعو ڏي. هن کي گهڻي دير انتظار ڪرڻو ئي ڪو نہ پيو.



راجو پوري زور سان بال کي ڌڪ هنيو. بال تيزيءَ سان علي ڏانهن وڌيو ۽ سندس ٽنگن جي وچ مان لنگهي سامهون روڊ ڏانهن هليو ويو. علي بال پٺيان ڊوڙيو تہ جيئن ان کي جهلي واپس اچلائي. هن ڪوشش پئي ڪئي تہ پنهنجو پاڻ کي سٺي ڪان سٺو ثابت ڪري تہ جيئن ڪيس راجو ڪيس بئٽنگ ڪرڻ جو موقعو ڏي. بال روڊ تان پئي ويو ۽ علي ان جي پٺيان پٺيان ڊوڙي رهيو هو.



پوءِ اهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو!



راجو ۽ سندس دوست جيڪي روڊ جي ڀئي پاسي کان رڙيون ڪندي علي ڪي سڏڻ لڳا. اوچتو هڪ تمام وڏي بس پنهنجي ٽائرن سان زوڪاٽ ڪندي تيزيءَ سان علي جي پرسان لنگهي ويئي. هنن سڀني ڏٺو ته ڊرائيور جون اکيون صفا ڳاڙهيون لڳيون پيون هيون ۽ بس تمام تيز پئي هلايائين.

ٻار وٺي علي ڏانهن ڊوڙيا. علي بال کي هٿ ۾ کڻي صفا ذري تان بچندي پنهنجو پاڻ کي روڊ کان پريرو اڇلايو. ٽنگون ڦتجي پيس ۽ دانهون ڪرڻ لڳو ۽ ڊرپ ۾ ڏڪي رهيو هو.....!

علي کي روڊ تي ڪرندو ڏسي راجا جا دوست ڊپ وچان پنهنجي پنهنجي گهري ڏي ڀڳا.

راجو صفا چپ هو. ٿورڙي دير کان پوءِ هو ڪرن کي چوڻ لڳو ”چا تون امان ۽ بابا کي ٻڌائيندين؟“

ڪرن به صفا چپ هئي. نيٺ چوڻ لڳي، ”چا وجي ٻڌائيندس؟“

”اها ئي ڳالھ ته مون تنهنجي چوڻ تي ڪو ڌيان ئي ڪو نه ڏنو.“ راجو چيو.

”ته پوءِ ٻيو چا ٻڌايان؟“ ڪرن چوڻ لڳي.

راجو ڪجھ دير تائين تہ سوچيندو رهيو. نيٺ پوءِ آهستي آهستي چوڻ لڳو تہ ، ”مون واقعي وڏي غلطي ڪئي آهي، روڊ تي راند ڪرڻ وارو فيصلو ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿيو. علي مون کان ننڍو آهي مون کي هن جو خيال رکڻ گھربو هو. تو واقعي صحيح چيو هو تہ روڊ تي راند روند ڪرڻ کان پاسو ڪجي. آئون پنهنجي هن حرڪت تي شرمسار آهيان. آئينده آئون ڪڏهن بہ روڊ جي پر ۾ راند نہ ڪندس ۽ پاڻ کان ننڍن ٻارن جو پڻ خيال ڪندس.“

”شاباس راجو ! هاڻي تون بلڪل صحيح سوچي رهيو آهين ۽ مون کي اميد آهي تہ انهن سڀني ڳالهين تي عمل ڪندين،“ ڪرن چيو.

”هاڻي پاڻ ٻئي گڏجي علي جا پير ٿا ڌوئاريون ۽ ڪيس پرچايون،“ ڪرن راجو کي چيو.


پوءِ اُهي ٽئي گھر ڏانهن روانا ٿيا.

پورو ٿيو






- كيڏڻ كان اڳ انهيءَ ڳالهہ كي يقيني بڻايو تہ جنهن ميدان تي توهان كيڏڻ پيا چاهيو سو كنهن وڏي روڊ يا ٽرئفك جي ويجهو نہ آهي. اها ڳالهہ ڏاڍي بهتر آهي تہ كنهن گهٽي ۾ تيز آمدورفت واري روڊ جي ويجهو نہ كيڏجي. جيكڏهن توهان كنهن روڊ جي ويجهو كيڏي بہ رهيا آهيو تہ پنهنجو پاڻ كي ٽريفك جي قاعدن جو پابند بڻايو. انهن قاعدن تحت بال كي روڊ واري طرف يا كنهن ايندڙ گاڏي ڏانهن ڏك ناهي هڻڻو. جيكڏهن توهان روڊ تي كيڏي بہ رهيا آهيو تہ توهان كي ان ڳالهہ جو خاص خيال ركڻو آهي تہ ننڍڙا ٻار محفوظ جڳهہ تي آهن




- جيكڏهن توهان جو بال روڊ پار كري ويو آهي تہ ان جي پٺيان ڀڄڻ جي كا ضرورت ناهي. ٿوري دير لاءِ بيهي، ايندڙ ويندڙ ٽريفك جي آواز تي كن ڏيو ۽ چڱيءَ طرح ڏسي وائسي پوءِ بال واپس كڻي اچڻ جي كوشش كريو. روڊ جي ويجهو پيل بال واپس كڻي اچڻ لاءِ كڏهن بہ كنهن ٻار كي نہ موكليو.




# روڊ تي ڪيڏڻ جا پنهنجا مزا آهن

ڪنهن صاف سٿري ۽ سئي روڊ جو، عام طور تي ٻار اهو ئي مطلب ڪيندا آهن تہ ان تي يا ان جي پاسي ۾ هُو ڪيڏي سگهن ٿا. ڪرن ۽ راجو بہ ڳوٺ واري ميدان تي ڪرڪيٽ راند ڪيڏندي مزو وٺن ٿا. جنهن ڳالھ تي هو ڌيان ڪو نہ پيان ڏين سا اِها آهي تہ ميدان جي بالڪل ويجهو گاڏين جي آمد و رفت پئي هلي. معاملو اُن وقت خراب ٿي ٿو وڃي، جڏهن راجو پنهنجي ننڍڙي سوٽ علي ڏانهن بال ڪي ڏ؟ هٽي ٿو. جيڪو روڊ جي ويجهو ئي فيلڊنگ پيو ڪري. اڳتي هلي ڇا ٿو ٿئي، انهيءَ لاءِ پڙهو ڏنل هن ڪهاڻيءَ کي.


روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪهاڻين جو سلسلو روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام تحت ڏنو ويو آهي، جيڪو روڊ سيفٽي ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ حڪومتِ سنڌ ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان نافذ ڪيو پيو وڃي. هن سلسليوار ڪتاب ۾ ڪجھ وڌيڪ ڪهاڻيون هي آهن:




راجو جو خواب



ٻبلو جي سياٽپ




راجو جا زخم



ڳوٺ ۾ هي ڪير آيو....!



راجو جي ملاقات



راجو جي نئين سائيڪل


مصنف: يوشع زَڪيُ الدين | تصويرون ۽ تشريح: عديل الظفر | ترجمو: گل بيگ گرگيج | ڪمپوزنگ: خادم حسين

شايع ڪرائيندڙ: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن



پلاٽ- 9، بلاڪ-7، ڪهڪشان، ڪلفٽن-5، ڪراچي 75600- پاڪستان.
فون نمبر 111-424-111 (92-21)   فيڪس :9251652 (92-21)
اي ميل : info@sef.org.pk   ويب سائيٽ: www.sef.org.pk



روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ
ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ
حڪومتِ سنڌ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
حڪومتِ سنڌ